( رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ )

# فيضانِ غوثِ اعظم

سنڌي



پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضانِ غوثِ اعظم

ڇاپو پهريون: ربيع الآخر 1442ھ، نومبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# فيضانِ غوثِ اعظم

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ غوثِ اعظم

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”فيضانِ غوثِ اعظم“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اسان جي غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سچي محبت ۾ خصوصي فيضان نصيب فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ مَدَني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: شبِ جمعه ۽ جمعي جي ڏينهن مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو ڇوته توهان جو درود پاڪ مون تي پيش ڪيو ويندو آهي. (معجم اوسط، ج1 ص84، حديث241، دار الكتب العلميه بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## احسانِ عظيم

اي عاشقانِ غوثِ اعظم: الله پاڪ جو اسان اهلسنت تي وڏو فضل و ڪرم آهي جو ان اسان کي پنهنجي اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله جي عزت ۾ تعظيم ڪرڻ، عرس ملهائڻ، مزارن تي حاضري ڏيڻ ۾ انهن جي سيرت بيان ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آهي. اولياءِ ڪرام الله پاڪ جا پسنديده ٻانها هوندا آهن، هنن جي سچي زندگي الله ۾

رسول جي ياد ۾ گذرندي آهي، اسان کي بہ انهن جي طريقي تي هلندي شريعت جي مطابق زندگي گذارڻ گهرجي. الله پاڪ پنهنجي هنن نيڪ ٻانهن، اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله تي پنهنجي رحمتن جي بارش فرمائيندو رهندو آهي. اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله جي شان و عظمت جي لاءِ اها قرآني آيت ئي ڪافي آهي، الله پاڪ پنهنجي پسنديده ٻانهن جو ذڪر يارهين سيپاري جي ٻارهين رڪوع ۾ فرمايو آهي. جيئن تہ سيپاري 11 سوره يونس آيت نمبر62 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ٻڌو بيشڪ الله جي ولين تي ڪوبہ خوف نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو غم.

ڪيا غور جب گيارهويں بارهويں ميں
معمّا يہ هم پر کهلا غوثِ اعظم

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت سيّدُنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا هن آيت سڳوري جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: ”اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله تي دنيا ۾ ڪوئي خوف ناهي، نہ ئي اهي آخرت ۾ غمگين ٿيندا بلڪ الله پاڪ خوشي و عزت سان انهن جو استقبال فرمائيندو ۽ انهن کي هميشہ رهڻ واريون نعمتون عطا فرمائيندو.“ (حکايتيں اور نصيحتيں، ص۔ 361)

## تعارف غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه

اي عاشقانِ غوثِ اعظم: ماهِ فاخر، ربيع الآخر ۾ هونئن تہ ٻين بزرگن جا عرس بہ آهن پر هي مهينو غوثِ پاڪ سان خاص نسبت رکي ٿو ۽ هن مهيني جي 11 تاريخ تي، پيران پير، روشن ضمير، حضرت شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي، اسان جا پيارا پيارا پير ومرشد سيّدي حضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا وليُّ الله بلڪ وليّن جا بہ سردار آهن❖ حضورغَوْثِ اعْظَمْ، شيخ سيد عبۡدُالقادرجِيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن جي ولادت باسعادت پهرين رمضان 470 هجري ۾ بغداد شريف جي ويجهو ڳوٺ ”جيلان“ ۾ ٿي. ❖ غوث الوريٰ سيد عبۡدُالقادر جِيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو نالو مبارڪ عبدُالقادر ۽ ڪنيت ابُو محمد آهي. ❖ مُحِي الدّين، مَحۡبُوبِ سُبۡحاني، غَوۡثُ الاعظم، غَوۡثُ الثَّقَلَين وغيره لقب ِآهن. ❖ شاهِ جيلان سيد عبدُالقادر جِيلاني امڙ سائڻ طرفان امام عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو ٻارهون پوٽو آهي❖ محبوبِ سبحاني سيد عبدُالقادر جِيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه والد محترم جي طرفان نواسءِ رسول حسن مجتبي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو يارهون پوٽو آهي (بهجة الاسرار، ص 171) (علامہ علي قاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي امڙ سائڻ طرفان سندن نسب شريف اهو بيان ڪيو آهي.) (نزهة الفاتر، ص 12)

اعليٰ حضرت امام اهلسنت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بارگاهِ غوثيت ۾ عرض ڪن ٿا:

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اونچے اونچوں کے سروں سے قدم اعلیٰ تیرا

سر بھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا
اولیا ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تلوا تیرا
نبوی مینہ علوی فصل بتولی گلشن
حسنی پھول حسینی ہے مہکنا تیرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والِد محترم کي خوشخبري

غوثِ پاڪ جا ديوانؤ! اسان جي غوثِ پاڪ جي والِدِ محترم حضرت سيّد ابو صالح موسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت واري رات خواب ۾ ڏٺو تہ رسولن جا سردار جنابِ احمد مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام ۽ اولياءِ عُظام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم سان گڏجي سندن گھر تشريف وٺي آيا آهن ۽ هنن مبارڪ لفظن سان خوشخبري سان نوازيو: اي ابو صالح! الله پاڪ توهان کي اهڙو پٽ عطا فرمايو آهي جيڪو ولي آهي ۽ منهنجو ۽ الله پاڪ جو محبوب(يعني پسنديده) آهي ۽ ان جو اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله ۾ اهڙو ئي شان هوندو جيئن انبياء و مرسلين عَلَيْهِمُ السَّلَام ۾ منهنجو شان آهي. پڻ بين انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام اها خوشخبري ڏني تہ”تمام اولياءالله

رَحِمَهُمُ اللّٰهُ توهان جي نيڪ بخت پٽ جا فرمانبردار هوندا ۽ انهن جي گردنن تي ان جو قدم هوندو. (سيرت غوث الثقلين، ص۔ 55 بحوالہ تفريح الخاطر، ص۔ 12)

جس کی منبر بنی گردنِ اولیا اُس قدم کی کرامت پہ لاکھوں سلام
غوثِ اعظم امامُ التُّقٰے والنُّقٰے جلوۂ شانِ قدرت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قطبِ عالم

عظيم تابعي بزرگ حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي زماني مبارڪ ڪان ونئي حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زماني مبارڪ تائين تفصيل سان خبر ڏني تہ جيترا بہ اللّٰہ پاڪ جا اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ گذريا آهن سيني شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خبر ڏني آهي. سلسلهءِ عطاريہ قادريہ جي عظيم بزرگ حضرت سيّدنا جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "مون کي عالمِ غيب مان خبر پئي آهي تہ پنجين صدي جي وچ ۾ سيد المرسلين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اولادِ پاڪ مان هڪ قطبِ عالم تيندو، جنهن جو لقب محي الدين ۽ نالو مبارڪ سيّد عبدالقادر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هوندو ۽ اهو غوثِ اعظم هوندو ۽ ان جي پيدائش جيلان ۾ ٿيندي. (سيرت غوث الثقلين، ص۔ 58)

سلطانِ ولایت غوثِ پاک ولیوں پہ حکومت غوثِ پاک
شہبازِ خطابت غوثِ پاک فانوسِ ہدایت غوثِ پاک
اللہ کی رحمت غوثِ پاک ہیں باعثِ برکت غوثِ پاک

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خاندانِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضور غوثِ پاڪ جا نانا سائين حضرت عبدالله صومعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيلان شريف جي اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم منجهان هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انتهائي پرهيزگار هئڻ کان علاوه صاحبِ فضل و ڪمال وارا به هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مستجاب الدعوات(يعني پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون دعائون قبول ٿينديون هيون). جيڪڏهن پاڻ ڪنهن شخص سان ناراض ٿيندا هئا ته الله پاڪ ان شخص سان بدلو وٺندو هو ۽ جنهن سان پاڻ خوش ٿيندا هئا ته الله پاڪ ان کي انعام و اڪرام سان نوازيندو هو، جسماني طور ڪمزور هئڻ جي باوجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نوافل جي ڪثرت ڪندا هئا ۽ ذڪر و اذڪار ۾ مصروف رهندا هئا. پاڻ اڪثر معاملن جي واقع ٿيڻ کان اڳ انهن جي خبر ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ جيئن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن جي واقع ٿيڻ جي خبر ڏيندا هئا اهڙي طرح ئي واقعا ٿيندا هئا. (بهجة الاسرار، ص 172)

حضورِغوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پڦي جان جي ڪنيت "محمد" ۽ نالو "عائشہ بنت عبدالله" هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا نيڪ ۽ باڪرامت خاتون هيون. ماڻهو پنهنجون ضرورتون پوريون ٿيڻ ۽ دعائون ڪرائڻ جي لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا وٽ حاضر ٿيندا هئا.

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ ڀاءُ به هيو جنهن جو نالو سيّد ابو احمد عبدالله هو. هي حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان عمر ۾ ننڍا

هئا ۽ علم و تقويٰ مان گهڻو حصو ورتو هئائون پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جواني ۾ ئي وصال ڪري ويا هئا. حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو خاندا نيڪن جو گهراڻو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا نانا سائين، ڏاڏا سائين، والدِ محترم، امڙ سائڻ، پڦي سائڻ، ڀاءُ ۽ صاحبزادا سڀئي پرهيزگار هئا، انهيءَ ڪري ماڻهو سندن خاندان کي **"شريفن جو خاندان"** چوندا هئا. اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه خاندانِ غوثِ پاڪ جي شان و عظمت بيان ڪندي لکن ٿا:

مکرّم شہا تیرے سارے کے سارے ہیں آباءواجداد یاغوثِ اعظم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تختِ سڪندري تي اهي ٽُڪندا به ناهن

حضور غوثِ پاڪ حضرت سيّدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ نِيمِ روز ملڪ (جيڪو هن وقت افغانستان جو صوبو آهي) جي بادشاه خط موڪليو ته مان ملڪ جو ڪجهه علائقو توهان کي بطور جاڳير ڏيڻ چاهيان ٿو ته جيئن توهان به مون وانگر عيش و آرام جي زندگي گذاريو، منهنجي پياري پياري پير و مرشد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي جواب ۾ (فارسي ۾) چار شعر لکي موڪليا: (جن جو ترجمو ڪجهه هن ريت آهي) جيڪڏهن منهنجي دل ۾ ملڪِ سَنْجَرَ جي ٿوري به هوس هجي ته سَنْجَر جي بادشاه جي ڪاري رنگ جي تاج وانگر منهنجو نصيب به ڪارو ٿي وڃي انڪري جو جڏهن مون کي دولتِ نيم شبّ (يعني الله پاڪ جي ياد ۾ راتيون جاڳڻ) جي سَلطنت حاصل آهي ۽ سلطنتِ نِيمروز جي

قيمت منهنجي نظر ۾ ”جَوَ“ جي داڻي جي برابر بہ ناهي. (اخبار الاخيار، ص۔ 204)

ان کا منگتا پاؤں سے ٹھکرا دے وہ دنیا کا تاج
جس کی خاطر مر گئے منعم رگڑ کر ایڑیاں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عباداتِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

غوثِ پاڪ جا ديوانؤ! اسان جا پيارا پيارا پيرومرشد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گھڻي عبادت و رياضت ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا. جيئن منقول آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پندرهن سالن تائين سڄي رات ۾ هڪ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا رهيا. (بهجة لاسرار، ص۔ 118) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ هزار رڪعتون نفل پڙهندا هئا. (تفريح الخاطر، ص 36) هڪ رات جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي معمولات جو ارادو ڪيو تہ نفس سستي ڪندين ٿوري دير سمهڻ ۽ بعد ۾ اٿي عبادت ڪرڻ جو مشورو ڏنو، جنهن جڳهہ دل ۾ اِهو خيال آيو هو انهيءَ جڳهہ ۽ انهيءَ وقت هڪ پير تي بيهي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪيو. (سانپ نما جن، ص۔ 15)

تي سگھي ٿو ڪنهن جي ذهن ۾ اِهو سوال اُڀري تہ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ الله ايتري گھڻي عبادت ڪيئن ڪندا هئا تہ هن سوال جو جواب اِهو آهي تہ نيڪ ٻانهن جون دليون محبتِ الٰهي ۽ پرهيزگاري سان آباد هونديون آهن، هي پنهنجي دلين مان دنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيندا آهن، هنن جا روح ذڪرِ الٰهي کان بغير بي چين و بيقرار رهندا آهن، انڪري اهي هر گھڙي يادِ الٰهي ۾ مصروف رهندا آهن ۽

اِهو مقام عبادت و رياضت ۾ سخت محنت ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي. سوشل ميڊيا جي هڪ پوسٽ(ڪجهه تبديلي سان بيان ڪريان ٿو) جنهن ۾ ڪنهن چوٽ رسائڻ جي لاءِ لکيو: اڄ جهڙي طرح ماڻهو سڄي سڄي رات سوشل ميڊيا تي چيٽنگ ڪرڻ، ويڊيوز ڏسڻ وغيره ۾ گذاري ڇڏين ٿا ۽ ڪيئي پيرا ٿڪاوٽ ۽ سُستي جو اظهار بہ ناهي ٿيندو، هاڻي خبر پئي تہ اڳي جا بزرگ ڪيئن سڄي سڄي رات عبادتن ۾ گذاري ڇڏيندا هئا جو انهن جو چين و سڪون يادِ پروردگار ۾ هو جنهن جي ڪري اهي پنهنجي پاڪ پروردگار جي ياد ۾ اهڙي طرح مشغول ٿي ويندا هئا جو سڄي رات گذري وڃڻ جي خبر بہ ڪانہ پوندي هئي ۽ اسان دنيا جي لذتن ۾ ائين تہ بدمست ٿي ويا آهيون جو اسان کي دنياوي خواهشن کان واندڪائي نٿي ملي. سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان جهڙن غافلن کي جاڳائڻ جي لاءِ لکن ٿا:

کس بلا کی مے سے ہیں سرشار ہم  دن ڈھلا ہوتے نہیں ہشیار ہم
میں نثار ایسا مسلماں کیجئے  توڑ ڈالیں نفس کا زنّار ہم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو خوفِ خدا

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! الله وارن جو هميشہ کان اهو طريقو رهيو آهي تہ گهڻيون نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي باوجود اهي بي پناھ خوفِ خدا رکندا هئا. سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ بي پناھ خوفِ خدا رکندا هئا جيئن حضرت سَيِدُنا شيخ سَعدِي

شِيرازِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ڪعبةُ الله شريف ۾ ڏٺو ويو ته پٿرين تي مٿو رکي بارگاهِ ربُّ العزت ۾ عرض ڪري رهيا آهن "اي ربّ ڪريم! مون کي بخشي ڇڏ ۽ جيڪڏهن مان سزا جو حقدار آهيان ته بروزِ قيامت مون کي انڌو اٿارجانء ته جيئن نيڪوڪار ماڻهن جي سامهون شرمسار نه ٿيان." (گلستانِ سعدی، ص۔ 54 انتشاراتِ عالمگير ايران)

**الله! الله!** اولياءِ ڪرام جا سردار هئڻ جي باوجود خوفِ خدا جو عالم صد ڪروڙ مرحبا! پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي وڏيڪ خوفِ خدا جو اندازو هنن شعرن مان لڳايو. پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه عيد جي ڏينهن فرمايائون:(ترجمو):

**"يعني ماڻهو چون ٿا ته سڀاڻي عيد آهي! سڀاڻي عيد آهي! ۽ سڀئي خوش آهن پر مان ته جنهن ڏينهن هن دنيا مان پنهنجو ايمان سلامت کڻي ويندس منهنجي لاءِ اهو ئي ڏينهن عيد جو هوندو."**

ہے عطار کو سلبِ ایماں کا دھڑکا بچا اس کا ایماں بچا غوثِ اعظم
ہو عطار کی بے سبب بخشش آقا یہ فرمائیں حق سے دعا غوثِ اعظم

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! اسان ڪهڙا غوثِ پاڪ جا عاشق آهيون جو اسان جا پيرومرشد ته پيرانِ پير، ولين جا سردار ٿي ڪري به ايتري عبادت جي ڪثرت ڪن ۽ هڪ اسان آهيون جو اسان کان فرض نماز به نٿي پڙهي وڃي ۽ پڙهون به ته بنا اجازتِ شرعي جماعت کان بغير. ياد رکو: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو(هڪ) نماز قضا ڪندو آهي ته اهو هزارين سال جهنم جي عذاب جو حقدار ٿيندو ۽ هي به ياد رکو ته جاڻي واڻي بنا اجازتِ شرعي جماعت ڇڏڻ به

سخت گناهه آهي. محبت ڪرڻ وارو پنهنجي محبوب جي نقشِ قدم تي هلندو (يعني ان جي فالو ڪندو) آهي. تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته محبتِ غوثِ اعظم جي دعويٰ ڪرڻ سان گڏوگڏ نمازن جي به پابندي ڪريون، فرض روزا رکون، هميشه هرحال ۾ سچ ڳالهايون ۽ الله پاڪ کان ڊڄندا رهون. ڪاش ڪاش!!!

گناہوں نے مجھ کو کہیں کا نہ چھوڑا　　نہ ہو جاؤں برباد یا غوثِ اعظم
مجھے نفسِ ظالم پہ کردیجے غالب　　ہو ناکام ہمزاد یا غوثِ اعظم
مرے قلب سے حبِّ دنیا کی مرشد　　اکھڑ جائے بنیاد یا غوثِ اعظم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مزار شريف تان ٻاهر اچي ٻلي ڍڪايو

امام ابوالحسن علي بن هيتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏجي حضرت سيّدُنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف جي زيارت ڪئي، مون ڏٺو ته حضرت سيّدنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قبر شريف مان ٻاهر نڪتا ۽ سيّدي حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي سيني سان لاتو ۽ انهن کي بهترين لباس پارائي ارشاد فرمايو: **”اي شيخ عبدالقادر! بيشڪ مان علمِ شريعت، علمِ حقيقت ۽ علمِ حال ۾ توهان جو محتاج آهيان“.** (بهجة الاسرار، ص 226)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شريعت حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا قول آهن

۽ طريقت حضور جا افعال ۽ حقيقت حضور جا احوال ۽ معرفت حضور جا بيمثال علوم آهن. (فتاويٰ رضويه، جلد 21 ص 460)

فتاويٰ رضويه جلد 26 ص 433 تي آهي: حضور (يعني غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) هميشه کان حنبلي هئا ۽ بعد ۾ عين الشريعة الڪبريٰ تائين پهچي منصبِ ”اجتهادِ مطلق“ حاصل ٿيو، مذهبِ حنبل کي ڪمزور ٿيندي ڏسي ان جي مطابق فتويٰ ڏني ته حضور، محي الدين ۽ دينِ متين جا هي چارئي ستون آهن، ماڻهن جي طرفان جنهن ستون ۾ ڪمزوري ايندي ڏٺائي ان جي تقويت فرمائي (يعني ان کي مضبوط ڪيائين.)

جو ولی قبل تھے یا بعد ہوئے یا ہوں گے سب ادب رکھتے ہیں دل میں مرے آقا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## طلباءِ ڪرام سان محبتِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ديني طلبه تي شفقت جو هڪ پهلو اِهو به هو ته پاڻ انهن جي ڪمزورين کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا هئا، حضرت سيّدنا شيخ احمد بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته سندن وٽ هڪ عجمي (يعني غيرعربي) طالبِ علم پڙهندو هو، اِهو نهايت ڪُندُ ذِهنُ (يعني موڳو) هو، ان کي وڏي مشڪل سان ڪا شيءِ سمجهه ايندي هئي، هڪ ڀيري اهو طالبِ علم سندن وٽ ويهي سبق ياد ڪري رهيو هو ته ابن سَمّحَل نالي هڪ شخص حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو، جڏهن ان هن طالبِ علم جي ڪُندُ ذِهني ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ان جي ڪُندُ ذِهني تي صبر وتَحَمَّل ڏٺو ته ان کي ڏاڍو تعجب ٿيو، جڏهن اِهو طالبِ علم اتان اٿي هليو

ويو تہ ابن سَمَحَل عرض ڪيو تہ هن طالبِ علم جي ڪُندُ ذِهنِي ۽ اوهان جي صبر تي مون کي حيرت آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو تہ منهنجي محنت ان سان گڏ صرف هڪ هفتي کان بہ ٿوري آهي چوتہ هن طالبِ علم جو وصال ٿي ويندو. حضرت سَيِّدُنا احمد بن مبارڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ان ڏينهن کان اسان اُن طالبِ علم جا ڏينهن ڳڻيندا رهياسون ۽ جڏهن هڪ هفتو پورو ٿيڻ وارو هو تہ آخري ڏينهن واقعي اُن طالبِ علم جو وصال ٿي ويو. (قلائد الجواهر، ص ۔ 8 ملخصًا)

## استادن جي لاءِ درس

حجة الاسلام امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: استاد شاگردن تي شفقت ڪري ۽ انهن کي پنهنجي پٽن جيان سمجهي. استاد جو مقصد اِهو هجي تہ هُو شاگردن کي آخرت جي عذاب کان بچائيندو. (احياء العلوم، ج ۔ 1، ص ۔ 191)

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه درس و دريس، تصنيف و تاليف، وعظ و نصيحت ۽ ان کان علاوه مختلف علمي شعبن ۾ انتهائي مهارت رکندا هئا پر خاص طور تي فتويٰ نويسي ۾ کين اهو ڪمال حاصل هيو جو ان دور جا وڏا وڏا عالمِ، فقهاء ۽ مفتيانِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام بہ سندن لاجواب فتوائن سان حيران ٿي ويندا هئا. شيخ امام مُوَفَّقُ الدّين قُدامَہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان ڏٺو تہ شيخ سيّد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهن مان آهن جن کي بغداد ۾ علم و عمل ۽ فتويٰ نويسي جي بادشاهت ڏني وئي آهي. (بهجة الاسرار، ص ۔ 225) سندن علمي مهارت جو اِهو عالم هو تہ جيڪڏهن ڪين کان مشڪل ترين مسئلا بہ پڇيا ويندا ها تہ پاڻ انهن مسئلن جو نهايت آسان ۽

خوبصورت جواب ڏيندا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ تقريباً (33) سال دينِ اسلام جي خدمت ڪئي، هن دوران جڏهن سندن فتوائون عراق جي عالمن وٽ آنديون ويندیون هيون تہ اهي سندن جواب پڙهي حيران ٿي ويندا هئا. (بهجة الاسرار، ص۔ 225 ملتقطا و ملخصًا)

علومِ مصطفٰے و مرتضٰی کے تمھیں پر ہیں کھلے اسرار یا غوث

## نيڪي جي دعوت جو عظيم جذبو

حضرت غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا شروعات ۾ سمهندي جاڳندي هر وقت رڳو اَمْرٌبِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ) جي ڌُن سوار هوندي هئي ۽ تبليغِ قرآنِ و سنت جي لاءِ ايتري قدر بيقرار رهندو هيس جو پاڻ تي بہ اختيار نہ رهندو هو ۽ مون وٽ بہ يا ٽي ماڻهو بہ هوندا هئا تہ مان انهن کي ئي قرآن و سنت جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳندو هيس پوءِ مون وٽ ماڻهن جي ايتري تہ گهڻي رش ٿيڻ لڳي جو مجلس ۾ جڳهہ باقي نہ رهندي هئي. جيئن تہ مان عيد گاهہ ويس ۽ وعظ و نصيحت ڪرڻ لڳس، اُتي بہ جڳهہ سوڙهي ٿي وئي تہ ماڻهو منبر شهر کان ٻاهر ڪڍي ويا ۽ بيشمار مخلوق سواري تي ۽ پيادل ايندي ۽ اجتماع جي ٻاهران چارو طرف بيهي وعظ ٻڌندي هئي ايستائين جو ٻڌڻ وارن جو تعداد سٽر هزار(70000) جي ويجهو پهچي ويو.

## 13علوم ۾ بيان

شيخ عبد الوهاب شعراني، شيخ عبدالحق محدّث دهلوي ۽ علامہ محمد بن يحيٰ حلبي رَحِمَهُمُ اللّٰه لکن ٿا: ”حضرت سيّدنا شيخ عبدالقادر

جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تيرهن علومن ۾ بيان ڪندا هئا.“ هڪ ٻي جڳهه تي فرمائن ٿا: حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مدرسي شريف ۾ ماڻهو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان تفسير، حديث، فقه ۽ علم الڪلام پڙهندا هئا، منجهند کان پهريان ۽ بعد ۾ ٻئي وقت ماڻهن کي تفسير، حديث، فقه، ڪلام، اصول ۽ نحو پڙهائيندا هئا ۽ ظهر کان پوءِ قرائتن سان قرآنِ ڪريم پڙهائيندا هئا. (اخبار الاخيار، ص ۱۱)

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ هفتي ۾ ٽي بيان ڪندا هئا، مدرسي ۾ جمعي جي صبح جو، اڱاري جي شام جو ۽ سراء(يعني مهمان خاني) ۾ آچر جي صبح جو بيان ڪندا هئا.

## هڪ لک کان وڌيڪ ٻي عمل توبه تائب ٿيا

ڪين مجلس ۾ 400 زبردست عالم سندن بيان کي لکندا هئا ۽ بعض اوقات مجلس جي حالت ۾ پاڻ هوا ۾ چند قدم اڏامي پوءِ ڪرسي تي اچي ويهندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي دل چاهي ٿي ته جهڙي طرح مان اڳ ۾ جهنگلن ۾ هيس هاڻي به جهنگلن ۾ رهان ته نه مان ماڻهن کي ڏسان نه اهي مون کي ڏسن پوءِ فرمايائون ته الله پاڪ مون سان اِهو گهريو ته ماڻهن کي فائدو پهچي ڇوته منهنجي هٿ تي يهود و نصاريٰ مان پنج سؤ کان وڌيڪ مسلمان ٿيا آهن ۽ منهنجي هٿ تي هڪ لک کان وڌيڪ ٻي عمل توبه تائب ٿيا آهن ۽ اها وڏي نيڪي آهي. (بهجة الاسرار، ص ۱۸۴)

وعظوں کی تیرے مرشد ہے دھوم چار جانب　　میں بھی کبھی تو سن لوں میٹھا کلام کہنا
جلوہ دکھا نا مرشد کلمہ پڑھانا مرشد　　جس دم ہو زندگی کا لبریز جام کہنا
عطار کو بلا کر مرشد گلے لگا کر　　پھر خوب مسکرا کر کرنا کلام کہنا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 13غير مسلمانن جو قبولِ اسلام

هڪ ڀيري حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ 13 غير مسلم آيا ۽ سندن هٿ تي وعظ جي مجلس دوران مسلمان ٿيا پوءِ چوڻ لڳا اسان مغرب جي علائقي جا (غير مسلم) آهيون. اسان مسلمان ٿيڻ جو ارادو ڪيو پر اسان کي شڪ هو ته ڪٿي وڃي اسلام قبول ڪيون. تڏهن اسان غيب مان آواز ٻڌو ته: اي ڪامياب جماعت! توهان بغداد وڃو ۽ شيخ عبدالقادر جي هٿ تي مسلمان ٿيو ڇوته ان جي برڪت سان توهان جي دلين ۾ اهو ايمان ڏنو ويندو جيڪو ٻي هنڌان حاصل نه ٿيندو.“ (بهجة الاسرار، ص ـ 185)

بیاں سن کے توبہ گنہگار کرلیں　　زباں میں وہ دے دو اثر غوث اعظم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”نحو“ جو امام بڻائي ڇڏيندس

امام ابو محمد بن خشّاب نحوي چون ٿا: مان جواني جي عمر ۾ علمِ نحو (عربي گرامر) پڙهندو هيس. مان ماڻهن کان حضور

غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه جي دلنشين بيان جون خوبيون ٻڌندو هيس. مان ارادو ڪندو هيس تہ مان سندن جو بيان ٻڌان پر مون کي وقت ڪونہ ملندو هو هڪ ڏينهن مون پڪو ارادو ڪري ورتو ۽ حضور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه جي مجلس ۾ حاضر ٿي ويس جڏهن پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه ڪلام فرمايو: تہ منهنجي دل کي سندن ڪلام ٻڌي مزو ڪونہ آيو ۽ نہ ئي مان ڪلام سمجهي سگهيس. مون پنهنجي مَن ئي مَن ۾ چيو منهنجو اجوڪو ڏينهن ائين ئي ضايع ٿي ويو. انهيء وقت حضور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه منهنجي طرف متوجهہ ٿي ارشاد فرمايو: تون هلاڪ ٿئين تون ذِڪر جي مجلس کي علمِ نحو(عربي گرامر) تي فضيلت ٿو ڏئين ۽ ان کي اختيار ڪرين ٿو؟ اسان جي صحبت اختيار ڪر اسان توکي (عربي گرامر جو مشهور امام) سِيبَوَيْه ٺاهي ڇڏينداسين. اهو ٻڌي عبدالله خشاب نحوي غوثِ اعظم رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه وٽ ئي رهڻ لڳا جنهن جو نتيجو اهو ظاهر ٿيو تہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه نحو سان گڏوگڏ ڪيئي علوم جا ماهر ٿي ويا. (قلائد الجواهر، ص۔ 32، تاريخ الاسلام للذهبى، ج۔ 39، ص۔ 267)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولياءِ ڪرام جا سردار

فتاويٰ رضويہ جلد 26 ص 559 تي آهي: هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حضور سيّدنا غوثُ الاعظم رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه جو مرتبو تمام وڏو ۽ افضل آهي. غوث پنهنجي دور ۾ سڄي دنيا جي اولياء جو

سردار هوندو آهي ۽ اسان جو غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، امام حسن عسڪري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان بعد کان وٺي سيّدنا امام مهدي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تشريف آوري تائين سڄي دنيا جا غوث ۽ سڀني غوثن جا غوث ۽ تمام اولياء جا سردار آهن ۽ انهن سڀني جي گردنن تي سندن قدم مبارڪ آهي. (نزهة الخاطر الفاتر، ص۔ 6، فتاوٰی رضويه، ج۔ 26،ص۔ 559)

امام اَبُو الحسن علي شطنوفي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شيخ خليفه اڪبر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪثرت سان ديدار ڪندا هئا. انهن فرمايو: خدا جو قسم! بيشڪ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: يارسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! شيخ عبدالقادر فرمايو آهي ته منهنجو قدم هر ولي الله جي گردن تي آهي. ته الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”عبدالقادر سچ چيو ۽ ڇو نه هجي جو اهي ئي قطب آهن ۽ مان سندن نگهبان آهيان.“ (بهجة الاسرار، ص۔ 10)

امام ابن حجر مڪي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ حديثيه ۾ فرمائن ٿا: ڪڏهن اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله کي ڪلماتِ بلند (وڏيون وڏيون ڳالهيون) چوڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي ته جيئن جيڪو ان جي بلند مقامات کان ناواقف آهي ان کي خبر پئي يا شڪرِ الٰهي ۽ ان جي نعمت جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ جيئن حضور سيّدنا غوثِ

اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه کي حکم ٿيو تہ انهن پنهنجي بيان دوران اوچتو فرمايو تہ منهنجو هيءُ قدم هر اللّٰه جي وليّ جي گردن تي آهي، فوري طور تمام دنيا جي ولين قبول ڪيو. (۽ هڪ جماعت روايت ڪيو آهي تہ تمام جنن جي اولياء بہ) گردن جهڪايا. (الفتاوی الحديثيه، ص۔ 414، دار احياء التراث العربی بيروت)

ڪيئي عارفن سڳورن (يعني اللّٰه پاڪ جي پهچان رکڻ وارن بزرگن) فرمايو تہ حضور سيّدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ”قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ الله“ پنهنجي طرفان ناهي فرمايو بلڪ اللّٰه پاڪ سندن قطبيت ڪبريٰ(يعني تمام وڏو ولي اللّٰه هئڻ) ظاهر ڪرڻ جي لاءِ انهن کي ائين فرمائڻ جو حڪم ڏنو. تنهنڪري ڪنهن بہ ولي کي ردّ عمل جي ضرورت نہ پئي جو گردن نہ جهڪائي ها ۽ قدم مبارڪ پنهنجي گردن تي نہ آڻي ها بلڪ ڪيئي روايتن مان اهو پتو پئي ٿو تہ اڳي جي اولياءِ ڪرام حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي ولادت مبارڪ کان تقريباً سو سال پهريان خبر ڏني هئي تہ عنقريب عجم ۾ هڪ عظيم انسان پيدا ٿيندو اهو فرمائيندو تہ ”منهنجو هيءُ پير هر ولي اللّٰه جي گردن تي آهي“ هن فرمائڻ تي اُن وقت جا سيئي اولياء سندن قدم هيٺ پنهنجو مٿو رکندا ۽ ان جي قدم جي سايي ۾ داخل ٿيندا. (ايضًا)

غوث پر تو قدم نبی کا ہے،اُن کے زیرِ قدم ولی سارے
ہر ولی نے یہی پکارا ہے،واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

## سلسلہ قادريہ ۾ مريد ٿيڻ جي برڪت

غوثِ پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمان آهي: الله پاڪ مون سان وعدو فرمايو آهي تہ منهنجي مريدن کي جنت ۾ داخل ڪندو. (بهجة الاسرار، ص۔ 193 ملخصًا)

الحمدلله! شيخِ طريقت، اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن دور جي عظيم علمي و روحاني شخصيت آهن جن جي برڪت سان هزارين ڪافر مسلمان ٿيا ۽ لکين مسلمانن جون زندگيون بدلجي ويون ۽ سنت واري واٽ تي هلي پيا، خيرخواهي جي جذبي تحت مدني مشورو آهي تہ اوهان بہ اميراهلسنت جي ذريعي سيّدي حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سلسلي ۾ مريد ٿي وڃو، جيڪڏهن توهان پهريان ئي ڪنهن پير صاحب جا مريد آهيو تہ بيعتِ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ طالب ٿي وڃو، انشاء الله! دنيا و آخرت ۾ هن جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون.

سنا لا تخف تیرا فرمانِ عالی! غلاموں کی ڈھارس بندھی غوثِ اعظم

## بذريعہ whatsapp مريد بڻجو

مريد ٿيڻ يا ڪنهن ٻي کي مريد ڪرائڻ جي لاءِ ان جو نالو مع ولديت ۽ عمر لکي 03212626112 تي واٽس ڪيو. هن نمبر تي ڪال ريسيو ناهي ٿيندي، صرف ٽيڪسٽ جي صورت ۾ اهي تفصيل موڪليو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪر مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net